## VNG گروپ جون ذميواريون

- VNGگروپ سندن ٻين دوستن کي سکڻ جا موقعا فراهم ڪندا.
- گروپ پنهنجي ميمبرن کي صحيح ۽ مڪمل معلومات فراهم ڪندو.
- VNG جي قائم ڪيل اصُولن ۽ ضابطن کي پنهنجي علائقن ۾ فروغ ڏيندا.
- گروپ پنهنجي علائقي ۾ رضاڪارانہ خدمتن کي فروغ ڏيندا.
- گروپ پنهنجو ساليانو منصوبو تيار ڪندو جنهن ۾ تعليمي ۽ تفريحي پروگرام شامل هوندا.

گروپ پنهنجي ضلعي فورم ۽ پنهنجي صوبائي ڪائونسل سان مسئلن تي رابطا ڪاري ڪندا ۽ گڏيل حڪمت عملي جوڙيندا

- قومي ۽ بين القوامي مسئلن کي سمجهڻ لاءِ ٽيلي ڪانفرنس جي ذريعي ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر موجود نوجوانن جي گروپن سان بحث مباحثي جا پروگرام جوڙيندا.
- عالمي تحريڪن ۾ نوجوانن جي شموليت کي وڌائڻ جئين هو جمهوري ۽ سياسي عمل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن
- CSSP جي نوجوانن جي لاءِ ٺهندڙ حڪمت عملي لاءِ سهڪار ڪرڻ ۽ نوجوانن لاءِ ٺهيل قومي پاليسي تي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ.

## انتظامي ڍانچو

- VNG جي رهنمائي جي لاءِ صلاحڪار بورڊ ٺاهيو ويندو جنهن ۾ CSSP ۽ VNG جا نمائندا شامل هوندا.
- ملڪي سطح تي National Youth Council جوڙي ويندي جنهن ۾ سڀني صوبن مان برابر نمائيندا شامل ڪيا ويندا.
- هر ضلعي مان برابري جي نمائندگي جي بنياد تي صوبائي ڪائونسل ٺاهي ويندي جيڪا نيشنل يوٿ ڪائونسل لاءِ پنهنجا نمائيندا نامزد ڪندي.
- هر ضلع ۾ محلي، ڳوٺ، شهر ۽ يونين ڪائونسل سطح تي VNG گروپس ٺهندا جيڪي هر سال پنهنجي قيادت چونڊيندا.
- هر گروپ مان ٻہ ميمبر ضلع جي VNG فورم جا ميمبر هوندا ۽ کين ووٽ ڏيڻ جو اختيار هوندو.

## ميمبرشپ جي طريقي ڪار

ميمبر شپ جي معيار تي پورا لهندڙ نوجوان جيڪي VNG جي مقصدن، اصُولن ۽ ضابطن تي پورو يقين ۽ مڪمل عمل ڪرڻ تيار هجن اهي ميمبر شپ جو فارم ڀري مقامي VNG آفيس يا CSSP طرفان مقرر ڪيل ڪنوينر وٽ پنهنجون درخواستون جمع ڪرائي سگهن ٿا. ميمبرشپ جي منظوري يا خارج ڪرڻ جو فيصلو مقامي VNG جي خاص ڪاميٽي جي اختيار ۾ هوندو. هر ميمبر کي شروعاتي طور عارضي/پرووزنل ميمبر شپ ڏني ويندي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ 3 ۽ وڌ ۾ وڌ 6 مهينن ۾ سٺي ڪارڪردگي جي بنياد تي مستقل ميمبرشپ ۾ منتقل ڪئي ويندي.

## ميمبرشپ في

عارضي ميمبرشپ في ........................................ Rs.50

مستقل ميمبرشپ في (سالانہ) ........................... Rs.100

## ووٽ جو حق

ووٽ جو حق صرف مُستقل ۽ بي باڪ ميمبر کي هوندو

CSSP

VOICE of New Generation

# سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام

# نئين ٽهيءَ جو آواز





5D/4 near Nasim Shopping Mall, Nasim Nagar
Phase III, Qasimabad, Hyderabad: Ph: 022-2653097-8
E-mail: info@cssp.org.pk, Website: www.cssp.org.pk

## تعارف

نئين ٽهيءَ جو آواز سماج ۾ مُثبت تبديلي آڻڻ لاءِ نوجوانن جو هڪ گڏيل پليٽ فارم آهي. جنهن ۾ تعليمي ۽ تربيتي موقعا فراهم ڪري، نئين ٽهيءَ ۾ بيداري پيدا ڪري گڏيل جدجهد لاءِ همٿايو ويجي ٿو.

سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام اهو محسوس ڪيو آهي ته اڄ جو نوجوان سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي تعليم جي حوالي سان ڊيوالپٽي جو شڪار آهي. نوجوانن لاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ درسي تعليم ڪانسواءِ سکڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ جا موقعا نه هئڻ جي برابر آهن. موجوده تعليمي نظام ناقص هجڻ سان گڏ نوجوانن جي ذهني اوسر لاءِ به ڪي خاطرخواه بندوبست ٿيل نه آهن. نتيجي ۾ اڄ جو نوجوان صحتمند سرگرمين جي بجاءِ غير اهم ۽ مَنفي سرگرمين ڏانهن راغب ٿي چڪو آهي.

سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام ان ڳالھ ۾ يقين رکي ٿي ته ڪنهن به سماج ۾ مُثبت تبديلي آڻڻ لاءِ نوجوان پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. نوجوان ئي مستقبل جا اڳواڻ آهن ۽ مستقبل جا سمورا سياسي، سماجي ۽ معاشي معاملا سندن زندگي تي سڌيءَ طرح اثر انداز ٿيندا، انهيءَ ڪري اڄ جي نوجوان کي با خبر رکڻ ۽ سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام پنهنجي اهم ذميواري سمجهندي نوجوانن کي منظم ڪرڻ لاءِ Voice of New Generation جي نالي سان هڪ گڏيل پيلٽ فارم متعارف ڪرايو آهي، جنهن جي پهرين مرحلي ۾ سنڌ جي ڳُنڊ ڳُڙڇ ۾ سُلجهيل ۽ سمجهدار نوجوانن کي VNG جي پيلٽ فارم تي گڏ ڪيو ويندو، VNG گروپ ٺاهڻ لاءِ سنڌ جي ڪنهن به علائقي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 نوجوان گڏجي گروپ ٺاهي سگهن ٿا.

## VNG جو خواب

امن، انصاف، آزادي ۽ جمهوري قدرن تي ٻڌل معاشرو.

## مقصد

- نوجوانن کي مُنظم ۽ مُتحرڪ ڪرڻ ته جيئن هو مقامي، قومي ۽ بين القوامي مسئلن تي پنهنجو آواز بلند ڪري سهگن
- نوجوانن کي مُمڪن ۽ مناسب موقعا فراهم ڪرڻ ته جيئن هُو پنهنجي ساٿين سان معلومات، تجربا ۽ ويچار ونڊي سگهن.
- پاڪستان ۾ نوجوانن لاءِ سکيا ۽ ڄاڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ ته جيئن هو هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهي پنهنجي صلاحيتن ۾ اضافو ڪري سگهن.
- نئين ٽهيءَ جي آواز کي مُلڪ ۽ مُلڪ کان ٻاهر متعارف ڪرائڻ ته جيئن قومي ۽ بين القوامي سطح تي نوجوانن جي مسئلن کي ترجيح ڏني وڃي
- ٻهراڙي ۽ شهري نوجوانن جو تعلق جوڙي مقامي ۽ ملڪي سطح تي نوجوانن لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ پليٽ فارم مهيا ڪرڻ

## ڪهڙا نوجوان هن پروگرام ۾ شامل ٿي سگهن ٿا.

1. اُهي نوجوان جيڪي سماج ۾ مثبت تبديلي جا حامي هجن.
2. پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ سماجي تحريڪ هلائڻ جو ارادو رکندا هجن.
3. پنهنجي ڪم سان سچا هجن ۽ پنهنجي صلاحيتن ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ سنجيده هجن.
4. هڪ ذميدار شهري ٿيڻ لاءِ معاشرتي تعليم (Civic Education) حاصل ڪرڻ لاءِ تيار هجن.
5. نوجوان جنهن جي عمر 18 کان 30 سالن تائين هجي.
6. نوجوان جي تعليم گهٽ ۾ گهٽ انٽرميڊيئٽ هجي.

نوٽ: ليکڪن، ڳائڻن، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن ۽ صحافت سان دلچسپي رکندڙ نوجوانن کي ترجيح ڏني ويندي